# رچرڊ ڊاڪنز جو پنهنجي ڏهن سالن جي ڌيءَ ڏانهن خط





منهنجي پياري ڌيءَ،

هاڻي جڏهن تہ تون ڏهن سالن جي ٿي وئي آهين، مان توکي هڪ اهڙي ڳالهہ بابت لکڻ چاهيان ٿو جيڪا منهنجي لاءِ تمام گهڻي اهم آهي. ڇا تو ڪڏهن سوچيو آهي تہ اسان کي جيڪي ڳالهيون معلوم آهن، اهي اسان کي ڪيئن معلوم ٿينديون آهن؟

مثال طور اسان کي ڪيئن خبر پوندي آهي تہ اهي تارا، جيڪي آسمان ۾ ننڍڙي سئيءَ جي چهنب وانگر نظر ايندا آهن، درحقيقت سج وانگر باهہ جا تمام وڏا گولا آهن ۽ تمام پري آهن؟ ۽ اسان کي اهو ڪيئن معلوم ٿيندو آهي تہ زمين هڪ ننڍو گولو آهي جيڪو انهن تارن مان هڪ، يعني سج جي چوڌاري ڦري رهيو آهي؟ انهن سوالن جو جواب 'ثبوت' آهي. ڪڏهن ڪڏهن ثبوت جو مطلب هوندو آهي ڪنهن شيءِ کي حقيقت ۾ ڏسڻ (يا ٻڌڻ، محسوس ڪرڻ، سنگهڻ...) تہ اها سچ آهي. خلابازن زمين کان ايترو پري جو سفر ڪيو آهي جو انهن پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي تہ اها گول آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان جي اکين کي مدد جي ضرورت هوندي آهي. 'شام جو تارو' آسمان ۾ هڪ روشن چمڪ وانگر نظر ايندو آهي پر دوربين ذريعي توهان ڏسي سگهو ٿا تہ اهو هڪ خوبصورت گول جسم آهي — اهو سيارو جنهن کي اسين زهره (Venus) چئون ٿا. اهڙي شيءِ جنهن کي توهان سڌو سنئون ڏسي (يا ٻڌي يا محسوس ڪري...) سگهو ٿا ان کي 'مشاهدو' چئجي ٿو.
اڪثر ثبوت رڳو مشاهدن تي ٻڌل ناهن هوندا، پر ان جي پٺيان هميشہ ڪو نہ ڪو مشاهدو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪو قتل ٿيو هجي تہ اڪثر ڪو بہ ماڻهو (قاتل ۽ مقتول کانسواءِ!) حقيقت ۾ ان جو مشاهدو ناهي ڪندو. پر جاچ ڪندڙ (ڊيٽيڪٽو) ٻيا ڪيترائي مشاهدا گڏ ڪري سگهن ٿا جيڪي سڀ ملي ڪري ڪنهن مخصوص جوابدار ڏانهن اشارو ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي آڱرين جا نشان تلوار تي ملندڙ نشانن سان ملي وڃن تہ اهو ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هن ان کي هٿ لاتو هو. اهو ثابت نٿو ڪري تہ هن قتل ڪيو آهي، پر جڏهن ان کي ٻين ڪيترن ئي ثبوتن سان ملايو وڃي تہ اهو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن هڪ جاچ ڪندڙ ڪيترن ئي مشاهدن بابت سوچي سگهي ٿو ۽ اوچتو ڪيس احساس ٿيندو آهي تہ جيڪڏهن فلاڻي قتل ڪيو هجي تہ اهي سڀ شيون پنهنجي جاءِ تي ٺيڪ ويهن ٿيون ۽ بامعنيٰ ٿي وڃن ٿيون.

سائنسدان — جيڪي دنيا ۽ ڪائنات جي حقيقت کي دريافت ڪرڻ ۾ ماهر هوندا آهن — اڪثر جاچ ڪندڙن وانگر ئي ڪم ڪندا آهن. هو ان بابت هڪ اندازو (جنهن کي مفروضو چئبو آهي) قائم ڪندا آهن تہ ڇا سچ ٿي سگهي ٿو. پوءِ هو پاڻ سان چوندا آهن:
جيڪڏهن اهو واقعي سچ آهي تہ اسان کي هي يا اهو نظر اچڻ گهرجي. ان کي 'اڳڪٿي' چئبو آهي. مثال طور، جيڪڏهن دنيا واقعي گول آهي تہ اسان اڳڪٿي ڪري سگهون ٿا تہ هڪ مسافر جيڪڏهن هڪ ئي طرف هلندو رهي تہ آخرڪار اتي ئي پهچي ويندو جتان هن سفر جي شروعات ڪئي هئي.

جڏهن ڪو ڊاڪٽر چوندو آهي تہ توهان کي شري (Measles) آهي تہ هو هڪ نظر ڏسي ڪري ئي شري ناهي سڃاڻي وٺندو. سندس پهرين نظر کيس هڪ مفروضو ڏيندي آهي تہ شايد توهان کي شري هجي. پوءِ هو پاڻ سان چوندو آهي: جيڪڏهن واقعي هن کي شري آهي تہ مون کي هي ڏسڻ گهرجي... پوءِ هو پنهنجين اڳڪٿين جي فهرست ڏسندو آهي ۽ انهن کي پنهنجين اکين (ڇا توکي داڻا آهن؟)، پنهنجن هٿن (ڇا تنهنجو مٿو گرم آهي؟)، ۽ پنهنجن ڪنن (ڇا تنهنجي سيني مان شري جهڙو ساهہ کڻڻ جو آواز اچي رهيو آهي؟) سان جاچيندو آهي. تڏهن وڃي هو پنهنجو فيصلو ڪندو آهي ۽ چوندو آهي، 'مان تشخيص ڪريان ٿو تہ ٻار کي شري آهي.'
ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽرن کي رت جي ٽيسٽ يا ايڪسري جهڙين ٻين ٽيسٽن ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي، جيڪي سندن اکين، هٿن ۽ ڪنن کي مشاهدو ڪرڻ ۾ مدد ڏينديون آهن.

جنهن طريقي سان سائنسدان دنيا بابت ڄاڻ لاءِ ثبوت استعمال ڪندا آهن، اهو طريقو ان ڪان ڪتي وڌيڪ هوشيار ۽ پيچيده آهي جيترو مان هڪ مختصر خط ۾ بيان ڪري سگهان ٿو. پر هاڻي مان ثبوتن کان اڳتي وڃڻ چاهيان ٿو، جيڪو ڪنهن به ڳالهه تي يقين ڪرڻ جو هڪ سٺو سبب آهي، ۽ توکي ڪنهن به ڳالهه تي يقين ڪرڻ جي ٽن غلط سببن کان خبردار ڪرڻ چاهيان ٿو. انهن کي روايت'، 'اختيار' ۽ 'وحي' چيو ويندو آهي'.

ڪجهه مهينا اڳ، مون ٽيليويزن تي تقريباً 50 ٻارن سان گڏ هڪ مباحثو ڪيو. اهي ٻار ان ڪري (Tradition). سڀ کان پهرين، روايت گهرايا ويا هئا ڇاڪاڻ ته انهن جي پرورش مختلف مذهبن ۾ ٿي هئي. ڪن کي عيسائي، ڪن کي يهودي، ڪن کي مسلمان، ڪن کي هندو ۽ ڪن کي سک طور نپايو ويو هو. مائڪروفون وارو ماڻهو هڪ هڪ ٻار وٽ ويو ۽ ڪائنڻ پڇيائين ته هو ڇا ٿا مڃين. سندن جوابن اهو بلڪل واضح ڪري ڇڏيو ته منهنجو 'روايت' مان ڇا مطلب آهي. سندن عقيدن جو ثبوتن سان ڪو به واسطو نه هو. هنن بس پنهنجي والدين ۽ ڏاڏي-ڏاڏيءَ جا عقيدا ورجايا، جيڪي پاڻ به ثبوتن تي مبني نه هئا. هنن چيو، 'اسين هندو ائين ۽ ائين مڃيندا آهيون.' 'اسين مسلمان هي ۽ اهو مڃيندا آهيون.' 'اسين عيسائي ڪجهه ٻيو مڃيندا آهيون.' ظاهر آهي، جيئن ته هو سڀ مختلف ڳالهيون مڃيندا هئا، ان ڪري اهي سڀئي درست نٿا ٿي سگهن. مائڪروفون واري ماڻهوءَ کي اهو سڀ بلڪل درست لڳو، ۽ هن انهن جي اختلافن تي بحث ڪرائڻ جي ڪوشش به نه ڪئي. پر اهو اهو نقطو ناهي جيڪو مان چوڻ چاهيان ٿو. مان بس اهو پڇڻ چاهيان ٿو ته سندن عقيدا ڪٿان آيا. اهي روايت مان آيا. روايت جو مطلب اهي عقيدا آهن جيڪي ڏاڏي-ڏاڏيءَ کان والدين کي، ۽ اتان ٻارن ڏانهن منتقل ٿيندا رهن ٿا، ۽ ائين اڳتي هلندا رهن ٿا. يا صدين کان منتقل ٿيندڙ ڪتابن مان ملن ٿا.

روايتي عقيدا اڪثر تقريباً بنا ڪنهن بنياد جي شروع ٿيندا آهن؛ شايد شروعات ۾ ڪنهن انهن کي پاڻ ئي گهڙي ورتو هجي، جيئن ٿور ۽ زيوس جا قصا. پر جڏهن اهي ڪجهه صدين تائين منتقل ٿي چڪا هوندا آهن، ته رڳو اها حقيقت ته اهي ڏاڍا پراڻا آهن، انهن کي خاص محسوس ڪرائيندي آهي. ماڻهو ڳالهين تي صرف ان ڪري يقين رکندا آهن چو ته صدين کان ماڻهو انهن ئي شين تي يقين ڪندا آيا آهن. اها ئي روايت آهي. روايت سان مسئلو اهو آهي ته چاهي ڪا ڪهاڻي ڪيتري به پراڻي چو نه هجي، اها اوتري ئي سچي يا ڪوڙي هوندي آهي جيتري اها اصل ڪهاڻي هئي. جيڪڏهن توهان ڪا اهڙي ڪهاڻي ناهيو جيڪا سچي نه هجي، ته ان کي صدين تائين منتقل ڪرڻ سان اها وڌيڪ سچي نٿي ٿي وڃي!

انگلينڊ ۾ گهڻا ماڻهو چرچ آف انگلينڊ جا پيروڪار آهن، پر اهو عيسائي مذهب جي ڪيترين ئي شاخن مان صرف هڪ آهي. ٻين شاخن ۾ روسي آرٿوڊوڪس، رومن ڪيٿولڪ ۽ ميٿوڊسٽ چرچ شامل آهن. اهي سڀ مختلف عقيدا رکن ٿا. يهودي مذهب ۽ مسلم مذهب ان کان به وڌيڪ مختلف آهن؛ ۽ يهودين ۽ مسلمانن جا به مختلف قسم آهن. جيڪي ماڻهو هڪٻئي کان ٿوري مختلف ڳالهين تي يقين رکن ٿا، اهي اڪثر پنهنجي ان اختلافن تي جنگيون ڪري ويهندا آهن. تنهنڪري توهان سوچي سگهو ٿا ته انهن وٽ پنهنجي عقيدن لاءِ ڪي تمام سٺا دليل — ثبوت — هوندا. پر درحقيقت انهن جا مختلف عقيدا مڪمل طور تي مختلف روايتن جي ڪري آهن.

اچو ته هڪ خاص روايت بابت ڳالهايون. رومن ڪيٿولڪ مڃين ٿا ته مريم، عيسيٰ جي ماءُ، ايتري خاص هئي جو هوءَ مري نه پر ڪيس جسم سميت جنت ۾ کنيو ويو. ٻيا عيسائي فرقا ان سان اختلاف ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته مريم به ٻين وانگر فوت ٿي وئي هئي. اهي ٻيا مذهب ان بابت وڌيڪ ڳالهه نٿا ڪن ۽ رومن ڪيٿولڪن جي برعڪس ڪيس 'جنت جي راڻي' نٿا چون. مريم جي جسم جي جنت ۾ کنئي وڃڻ جو اهو عقيدو گهڻو پراڻو ناهي. بائبل ۾ اهو ناهي ٻڌايو ويو ته هوءَ ڪيئن يا ڪڏهن فوت ٿي؛ درحقيقت ان ويچاري عورت جو بائبل ۾ مشڪل سان ئي ذڪر ملي ٿو. ان عقيدي جي ته سندس جسم کي جنت ۾ کنيو ويو، ايجاد عيسيٰ جي وقت کان تقريباً ڇهه صديون پوءِ ٿي. شروعات ۾ اها رڳو هڪ هٺ نوڪي ڪهاڻي هئي، بلڪل ائين جيئن سنو وائيٽ جهڙي ڪا ڪهاڻي ناهي ويندي آهي. پر صدين جي دوران اها هڪ روايت بڻجي وئي ۽ ماڻهن ان کي محض ان ڪري سنجيدگيءَ سان وٺڻ شروع ڪري ڏنو چو ته اها ڪهاڻي نسل در نسل منتقل ٿيندي رهي هئي. جيئن جيئن اها روايت پراڻي ٿيندي وئي، ماڻهو ان کي اوترو ئي وڌيڪ سنجيدگيءَ سان وٺڻ لڳا. آخرڪار ان کي هڪ سرڪاري رومن ڪيٿولڪ عقيدي طور بلڪل تازو ئي، 1950ع ۾ تحريري شڪل ڏني وئي. پر اها ڪهاڻي 1950ع ۾ ايتري ئي سچي نه هئي جيتري اها مريم جي موت جي 600 سالن ڪانپوءِ هئي جڏهن ان کي پهريون ڀيرو ايجاد ڪيو ويو هو.

مان پنهنجي خط جي آخر ۾ روايت ڏانهن واپس ايندس، ۽ ان کي هڪ ٻئي انداز سان ڏسندس. پر پهرين مون کي ڪنهن به شيءَ تي ڪنهن ڳالهه تي ايمان آڻڻ جي سبب (Authority)، ايمان آڻڻ جي ٻن ٻين غلط سببن سان منهن ڏيڻو پوندو: اختيار ۽ وحي. اختيار طور، ان ڳالهه تي يقين ڪرڻ جو مطلب آهي ته توهان ان کي ان ڪري مڃيندا آهيو چو ته ڪنهن اهم شخص توهان کي ائين ڪرڻ لاءِ چيو آهي. رومن ڪيٿولڪ چرچ ۾، پوپ سڀ کان اهم شخصيت آهي، ۽ ماڻهو صرف ان ڪري مڃيندا آهن ته هو پوپ آهي، تنهنڪري هو درست هوندو. مسلمان مذهب جي هڪ شاخ ۾، اهم ماڻهو ڏاڙهي وارا پوڙها مرد هوندا آهن جن کي آيت الله چيو ويندو آهي. ڪيترائي نوجوان مسلمان صرف ان ڪري قتل ڪرڻ لاءِ تيار آهن ڇاڪاڻ ته پري جي ملڪ جا آيت الله کين ائين ڪرڻ جو حڪم ڏين ٿا.

جڏهن مان چوان ٿو ته رومن ڪيٿولڪن کي آخرڪار 1950ع ۾ ئي ٻڌايو ويو ته کين يقين ڪرڻو پوندو ته مريم جو جسم جنت ۾ هليو ويو، ته منهنجو مطلب اهو آهي ته 1950ع ۾ پوپ ماڻهن کي چيو ته کين ان تي ايمان آڻڻو پوندو. بس ايترو ئي هو. پوپ چيو ته اهو سچ آهي، تنهنڪري اهو سچ ئي هجڻ گهرجي! هاڻي، غالباً پوپ پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهه چيو، ان مان ڪجهه سچ هو ۽ ڪجهه سچ نه هو. ان جو ڪو معقول سبب ناهي ته صرف ان ڪري ته هو پوپ هو، توهان سندس هر ڳالهه تي يقين ڪري وٺو، جيئن توهان ڪيترن ئي ٻين ماڻهن جي هر ڳالهه تي يقين نٿا ڪريو. هاڻوڪي پوپ پنهنجن پيروڪارن کي حڪم ڏنو آهي ته هو پنهنجي اولاد جي تعداد کي محدود نه ڪن. جيڪڏهن ماڻهو سندس حڪمرانيءَ جي انڌي تقليد ڪن جيئن هو چاهي ٿو ته ان جي نتيجي ۾ خوفناڪ ڏڪار، بيماريون ۽ جنگيون ٿي سگهن ٿيون جيڪي آباديءَ جي وڌيڪ هجڻ سبب ٿينديون.

ظاهر آهي تہ سائنس ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن اسين پاڻ ثبوت نٿا ڏسون ۽ اسان ڪي ڪنهن ٻئي جي ڳالهہ مڃڻي پوندي آهي. مون
پنهنجين اکين سان اهو ثبوت ناهي ڏٺو تہ روشني 186,000 ميل في سيڪنڊ جي رفتار سان سفر ڪندي آهي. ان بدران، مان انهن
ڪتابن تي يقين رکان ٿو جيڪي مون کي روشنيءَ جي رفتار ٻڌائين ٿا. اهو 'اختيار' جهڙو لڳي ٿو. پر درحقيقت اهو اختيار کان
ڪٿي بهتر آهي ڇو تہ جن ماڻهن اهي ڪتاب لکيا آهن انهن ثبوت ڏٺا آهن ۽ ڪو بہ جڏهن چاهي انهن ثبوتن جو تفصيلي جائزو وٺي
سگهي ٿو. اهو تمام گهڻو تسلي بخش آهي. پر هتي تائين جو پادري بہ اها دعويٰ نٿا ڪن تہ مريم جي جسم جي آسمان ڏانهن تيزيءَ
.سان اڏامي وڃڻ واري سندن ڪهاڻيءَ لاءِ ڪو ثبوت موجود آهي

ڪنهن بہ ڳالهہ تي يقين ڪرڻ جي ٽئين قسم جي غلط سبب کي 'وحي' (الهام) چيو ويندو آهي. جيڪڏهن توهان 1950ع ۾ پوپ کان
پڇو ها تہ کين ڪيئن معلوم ٿيو تہ مريم جو جسم جنت ۾ غائب ٿي ويو، تہ هو شايد چون ها تہ اهو مٿن 'وحيءَ' جي ذريعي ظاهر
ڪيو ويو هو. هنن پاڻ کي پنهنجي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ رهنمائيءَ لاءِ دعا ڪئي. هو اڪيلو ئي بار بار سوچيندو رهيو، ۽ اندر
ئي اندر سندس يقين وڌندو ويو. جڏهن مذهبي ماڻهو پنهنجي اندر صرف هڪ احساس رکن ٿا تہ ڪا ڳالهہ سچ هجڻ گهرجي، چاهي
.ان جي سچ هجڻ جو ڪو ثبوت نہ هجي، تہ هو پنهنجي ان احساس کي 'وحي' چون ٿا. صرف پوپ ئي وحيءَ جي دعويٰ نٿا ڪن
ڪيترائي مذهبي ماڻهو ائين ئي ڪندا آهن. اهو سندن ايمان آڻڻ جي اهم سببن مان هڪ آهي. پر ڇا اهو هڪ سٺو سبب آهي؟

فرض ڪريو مان توکي ٻڌايان تہ تنهنجو ڪتو مري ويو آهي. تون ڏاڍي پريشان ٿيندينءَ، ۽ تون شايد چوينءَ، 'ڇا توهان کي يقين
آهي؟ توهان کي ڪيئن معلوم ٿيو؟ اهو ڪيئن ٿيو؟' هاڻي فرض ڪريو مان جواب ڏيان: 'درحقيقت مون کي معلوم ناهي تہ پيپي
(Pepe) مري ويو آهي. مون وٽ ڪو ثبوت ناهي. مون کي بس پنهنجي اندر هڪ عجيب جهڙو احساس ٿي رهيو آهي تہ هو مري ويو
آهي.' تون مون کي ڊيڄارڻ تي ڏاڍي ناراض ٿيندينءَ، ڇاڪاڻ تہ تون ڄاڻين ٿي تہ صرف اندروني 'احساس' بظاهر پاڻ يقين ڪرڻ جو
ڪو نوس سبب ناهي تہ هو مري ويو آهي. توکي ثبوت گهرجي. اسان سڀني کي وقت بوقت اندروني احساس ٿيندا آهن، ۽ ڪڏهن
اهي درست ثابت ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن نہ. خير، مختلف ماڻهن جا جذبا ابتا بہ ٿي سگهن ٿا، تہ پوءِ اسين ڪيئن فيصلو ڪريون تہ ڪنهن
جو احساس درست آهي؟ ان ڳالهہ جو يقين ڪرڻ جو واحد طريقو تہ ڪو ڪتو مئل آهي، اهو آهي تہ توهان پاڻ ان کي مئل ڏسو، يا
.ٻڌو تہ ان جي دل بند ٿي وئي آهي؛ يا ڪو اهڙو شخص توهان کي ٻڌائي جنهن ڪو نوس ثبوت ڏٺو هجي يا ٻڌو هجي تہ هو مئل آهي

ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن چوندا آهن تہ توهان کي پنهنجي اندروني جذبن تي يقين ڪرڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ توهان ڪڏهن بہ 'منهنجي
زال مون سان پيار ڪري ٿي' جهڙين ڳالهين تي پراعتماد نٿا ٿي سگهو. پر اهو هڪ غلط دليل آهي. اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪيترائي
ثبوت ٿي سگهن ٿا تہ ڪو توهان سان پيار ٿو ڪري. سڄو ڏينهن جڏهن توهان ڪنهن اهڙي شخص سان گڏ هوندا آهيو جيڪو توهان
.سان پيار ڪندو آهي، تہ توهان ڪيترائي ننڍا ننڍا ثبوت ڏسندا ۽ ٻڌندا آهيو، ۽ اهي سڀ ملي ڪري هڪ وڏو ثبوت بڻجي ويندا آهن
اهو رڳو اندروني احساس ناهي، جيئن مذهبي اڳواڻ ان کي 'وحي' چوندا آهن. اندروني احساس جي حمايت لاءِ ٻاهريون شيون بہ
هونديون آهن: اکين ۾ ڏسڻ، آواز ۾ نرمي، ننڍيون ننڍيون نوازشون ۽ مهربانيون؛ اهي سڀ حقيقي ثبوت آهن. ڪڏهن ڪڏهن
ماڻهن کي اهو شديد اندروني احساس هوندو آهي تہ ڪو انهن کي چاهي ٿو جيتوڻيڪ ان جو ڪو بنياد ناهي هوندو، ۽ پوءِ هو بلڪل
،غلط ثابت ٿيندا آهن. اهڙا ماڻهو آهن جن کي اهو شديد اندروني احساس هوندو آهي تہ ڪو مشهور فلمي ستارو انهن کي چاهي ٿو
جڏهن تہ حقيقت ۾ اهو فلمي ستارو انهن سان مليو بہ ناهي هوندو. اهڙا ماڻهو ذهني طور تي بيمار هوندا آهن. اندروني احساسن کي
.ثبوتن جي ذريعي ثابت ٿيڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ توهان انهن تي ڀروسو نٿا ڪري سگهو

.اندروني احساس سائنس ۾ بہ قيمتي آهن، پر صرف توهان کي اهڙا خيال ڏيڻ لاءِ جن کي توهان بعد ۾ ثبوت ڳولي ڪري آزمايو
هڪ سائنسدان کي ڪنهن خيال بابت هڪ 'اندازو' ٿي سگهي ٿو جيڪو بس 'صحيح' محسوس ٿيندو هجي. پنهنجي ذات ۾، اهو
ڪنهن شيءِ تي يقين ڪرڻ جو ڪو سٺو سبب ناهي. پر اهو ڪنهن مخصوص تجربي کي ڪرڻ، يا ثبوت ڳولڻ لاءِ ڪنهن خاص
طريقي سان ڏسڻ ۾ ڪجهہ وقت گذارڻ جو هڪ سٺو سبب ٿي سگهي ٿو. سائنسدان اندروني احساسن کي خيال حاصل ڪرڻ لاءِ هر

.وقت استعمال ڪندا آهن. پر جيستائين اهي ثبوتن سان ثابت نہ ٿين، انهن جو ڪو قدر ناهي هوندو
مون واعدو ڪيو هو تہ مان روايت ڏانهن واپس ايندس ۽ ان کي هڪ مختلف انداز سان ڏسندس. مان اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ
انهيءَ عام ماحول ۾ (چيو وڃي ٿو Evolution جنهن عمل کي ارتقا يا) چاهيان ٿو تہ روايت اسان لاءِ ايتري اهم ڇو آهي. سڀ جانور
جيئرو رهڻ لاءِ ناهيا ويا آهن جتي سندن نسل رهي ٿي. شينهن آفريڪا جي ميدانن ۾ جيئرو رهڻ لاءِ ناهيا ويا آهن. ڪري فش
(Crayfish) کاري سمنڊ ۾ جيئرا رهڻ لاءِ ناهيا ويا آهن. انسان (lobsters) مٺي پاڻيءَ ۾ جيئري رهڻ لاءِ ناهي وئي آهي، جڏهن تہ لابسٽر
بہ جانور ئي آهن، ۽ اسان کي هڪ اهڙي دنيا ۾ جيئرو رهڻ لاءِ ناهيو ويو آهي جيڪا ... ٻين ماڻهن سان ڀريل آهي. اسان مان گهڻا
شينهن يا جهينگن وانگر پنهنجي ماني پاڻ شڪار ناهن ڪندا، بلڪہ ان کي اهڙن ٻين ماڻهن کان خريد ڪندا آهن جن ان کي ڪنهن
.ٻئي کان خريد ڪيو هوندو آهي. اسين 'ماڻهن جي سمنڊ' ۾ 'ترون' ٿا
جي ضرورت هوندي آهي، تيئن انسانن کي اهڙن دماغن جي (ڳلڦڙن/gills) جيئن هڪ مڇيءَ کي پاڻيءَ ۾ جيئرو رهڻ لاءِ ڳِلس
ضرورت آهي جيڪي کين ٻين ماڻهن سان منهن ڏيڻ جي قابل بڻائين. جيئن سمنڊ کاري پاڻيءَ سان ڀريل هوندو آهي، تيئن ماڻهن جو
.سمنڊ سکڻ لاءِ ڏکين شين سان ڀريل هوندو آهي. جيئن ٻولي. تون انگريزي ڳالهائيندي آهين پر تنهنجو دوست جرمن ڳالهائيندو آهي
توهان مان هر هڪ اها ٻولي ڳالهائيندو آهي جيڪا کيس پنهنجي الڳ 'ماڻهن جي سمنڊ' ۾ 'ترڻ' جي قابل بڻائيندي آهي. ٻولي روايت
(ein Hund) 'آهي. جرمني ۾ اهو 'آئن هنڊ (Dog) جي ذريعي منتقل ٿيندي آهي. ان جو ڪو ٻيو طريقو ناهي. انگلينڊ ۾، پيپي هڪ ڪتو
.آهي. انهن مان ڪوبہ لفظ ٻئي کان وڌيڪ درست يا سچو ناهي. ٻئي محض روايتاً منتقل ٿيا آهن

پنهنجي 'ماڻهن جي سمنڊ' ۾ 'ترڻ' ۾ پڙ ٿيڻ لاءِ، ٻارن کي پنهنجي قوم جي ٻولي ۽ پنهنجي ماڻهن بابت ٻيون ڪيترين ئي شيون سکڻيون پونديون آهن: ۽ ان جو مطلب اهو آهي ته ڪين روايتي معلومات جي هڪ تمام وڏي مقدار کي بلوٽنگ پيپر وانگر جذب ڪرڻو پوندو آهي. (ياد رهي ته روايتي معلومات مان مراد اهي شيون آهن جيڪي ڏاڏي-ڏاڏيءَ کان والدين ۽ پوءِ ٻارن تائين منتقل ٿينديون آهن.) ٻار جي دماغ کي روايتي معلومات جو شوقين هجڻو پوندو آهي. ۽ ٻار مان اها اميد نٿي ڪري سگهجي ته هو سٺي ۽ مفيد روايتي معلومات، جيئن ڪنهن ٻوليءَ جا لفظ، کي بري يا بي معنيٰ روايتي معلومات، جيئن جادوگرن، شيطانن ۽ هميشه زنده تي يقين ڪرڻ وارين ڳالهين کان الڳ ڪري سگهي. اها افسوس جي ڳالهه آهي، پر اها ئي حقيقت آهي ته جيئن (virgins) ڪنواريون ته ٻارن کي روايتي معلومات لاءِ بيحد شوقين هجڻو پوندو آهي، ان ڪري هو وڏن جي هر ڳالهه تي يقين ڪرڻ لڳندا آهن، چاهي اها سچ هجي يا ڪوڙ، درست هجي يا غلط. وڏن جون ڪيترين ئي ڳالهيون سچ هونديون آهن ۽ ثبوتن تي مبني يا گهٽ ۾ گهٽ معقول هونديون آهن. پر جيڪڏهن انهن مان ڪجهه ڪوڙ، بي معنيٰ يا هتي تائين جو ظالماڻيون به هجن، ته ٻارن کي ان تي به يقين ڪرڻ کان روڪڻ وارو ڪوبه ناهي هوندو. هاڻي، جڏهن ٻار وڏا ٿيندا آهن ته هو ڇا ڪندا آهن؟ ظاهر آهي، هو اها ئي ڳالهه ايندڙ نسل جي ٻارن کي سيکاريندا آهن. تنهنڪري، هڪ ڀيرو جڏهن ڪنهن شيءِ تي پختو يقين ڪيو وڃي — چاهي اها بلڪل غلط ئي ڇو نه هجي ۽ شروعات کان ئي ان تي يقين ڪرڻ جو ڪو سبب نه رهيو هجي — ته اهو يقين هميشه لاءِ هلندو رهي سگهي ٿو.

ڇا اها ئي ڳالهه مذهبن سان به پيش آئي هوندي؟ هڪ يا وڌيڪ خدائن تي ايمان، جنت تي ايمان، مريم جي نه مرڻ تي ايمان، يسوع جي انساني پيءُ نه هجڻ تي ايمان، دعائن جي قبول ٿيڻ تي ايمان، شراب جي رت ۾ بدلجي وڃڻ تي ايمان — انهن مان ڪنهن به عقيدي جي حق ۾ ڪو نوس ثبوت موجود ناهي. پوءِ به لکين ماڻهو انهن تي ايمان رکن ٿا. شايد ان جو سبب اهو آهي ته ڪين اهي ڳالهيون ان وقت سيکاريون ويون هيون جڏهن هو ايترا ننڍا هئا جو ڪنهن به ڳالهه تي آسانيءَ سان يقين ڪري پئي سگهيا. لکين ٻيا ماڻهو بلڪل مختلف ڳالهين تي يقين رکن ٿا، ڇاڪاڻ ته ننڍپڻ ۾ ڪين مختلف ڳالهيون سيکاريون ويون هيون. مسلمان ٻارن کي عيسائي ٻارن کان مختلف ڳالهيون سيکاريون وينديون آهن، ۽ ٻئي بلڪل ان يقين سان وڏا ٿيندا آهن ته هو درست آهن ۽ ٻيا غلط آهن. هتي تائين جو عيسائين جي اندر به، رومن ڪيٿولڪ چرچ آف انگلينڊ جي ماڻهن يا ايپي اسڪوپالينز، شيڪرز يا ڪوئڪرز، مورمنز يا هولي رولرز کان مختلف ڳالهين تي يقين رکن ٿا، ۽ سڀني کي بلڪل يقين هوندو آهي ته هو درست آهن ۽ ٻيا غلط آهن. هو بلڪل ساڳئي قسم جي سبب جي ڪري مختلف ڳالهين تي يقين رکن ٿا جنهن طريقي سان توهان انگريزي ڳالهائيندا آهيو ۽ ڪو جرمن ڳالهائيندو آهي. ٻئي ٻوليون پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ ڳالهائڻ لاءِ درست ٻوليون آهن. پر اهو سچ نٿو ٿي سگهي ته مختلف مذهب پنهنجي پنهنجي ملڪن ۾ درست هجن، ڇاڪاڻ ته مختلف مذهب دعويٰ ڪن ٿا ته متضاد ڳالهيون سچ آهن. مريم ڪيٿولڪ جمهوريه ۾ زنده نٿي رهي سگهي پر پروٽسٽنٽ اتر آئرلينڊ ۾ مئل آهي.
اسين ان سڀ بابت ڇا ڪري سگهون ٿا؟ تنهنجي لاءِ ڪجهه ڪرڻ آسان ناهي، ڇاڪاڻ ته تون صرف ڏهن سالن جي آهين. پر تون اها ڪوشش ڪري سگهين ٿي. ايندڙ ڀيري جڏهن ڪو توکي اهڙي ڳالهه ٻڌائي جيڪا اهم لڳي، ته پنهنجي پاڻ سان سوچ: 'ڇا اها اهڙي قسم جي ڳالهه آهي جيڪا ماڻهو شايد ثبوتن جي بنياد تي ڄاڻن ٿا؟ يا اها اهڙي ڳالهه آهي جنهن تي ماڻهو صرف روايت، اختيار يا وحيءَ جي بنياد تي يقين رکن ٿا؟' ۽ ايندڙ ڀيري جڏهن ڪو توکي ٻڌائي ته ڪا ڳالهه سچ آهي، ته تون ڪائن ڇو نٿي پڇين: 'ان لاءِ ڪهڙي قسم جو ثبوت آهي؟' ۽ جيڪڏهن هو توکي ڪو معقول جواب نه ڏئي سگهن، ته اميد آهي ته تون سندن ڪنهن به ڳالهه تي يقين ڪرڻ کان پهرين ڏاڍو غور ڪندينءَ.

تنهنجو پيار ڪندڙ، ڊيڊي (بابا)